ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْکَرِيْم

# فيضان مولا علي مُشڪل ڪُشا

25-February-2021



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# فيضان مولا علي مُشکل کُشا کَرَّمَ اللہُ تَعَالٰی وَجۡھَهُ الۡکَرِیۡم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪيو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو قيامت جي ڏينهن آءُ ان جي شفاعت ڪندُس.
(جمع الجوامع للسيوطى ج ٧ ص ١٩٩ حديث ٢٢٣٥٢،از ضيائے درود و سلام،ص١١)

اُف وہ رہِ سَنگلاخ، آہ! یہ پا شاخ شاخ
اے مِرے مُشکِل کُشا! تم پہ کروڑوں دُرُود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري ونون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ"يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو (2) جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السيقن،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)



www.dawateislami.net

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

مان بہ نيت ڪيان ٿو ❁ الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ "ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهہ ۽ چڱي نصيحت سان" ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة[1] يعني "منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي" ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهہ رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت بڻائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

[1] ...بخارى، كتاب احاديث الانبياء،باب ماذكر عن بنى اسرائيل،462/2،حديث:3461



www.dawateislami.net

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

مان بہ نيت ڪيان ٿو ❁ الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِا لْحِكْمَةِ وَ الْمَوْ عِظَةِ الْحَسَنَةِ

”ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهہ ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث: 3461) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة [1] يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهہ رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت بڻائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ...بخاری، کتاب احادیث الانبیاء،باب ماذکر عن بنی اسرائیل،462/2،حدیث:3461



www.dawateislami.net

## فالج وارو ٺيڪ ٿي ويو

هڪ ڀيري اميرُ المؤمنين حَضرتِ سَيِّدُنا عليُ الْمُرتَضٰي شيرِخدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم پنهنجي ٻنهي شهزادن حَضرتِ سَيِّدُنا امامِ حسن ۽ حَضرتِ سَيِّدُنا امامِ حُسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا سان گڏ ڪعبي جي حرم ۾ موجود هئا ته ڏٺائون اُتي هڪ شخص تمام گهڻو روئي رهيو آهي. پاڻ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم حڪم ڏنو ته اِنهي شخص کي مون وٽ آڻيو، اُن شخص جو هڪ پاسو جيئن ته فالج وارو هو تنهن ڪري زمين تي ريڙهيون پائيندي حاضر ٿيو، پاڻ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم اُنهي جو احوال معلوم فرمايو ته اُن عرض ڪيو: يَا اَمِيرَ المؤمِنِين! آئون گناهن جي مُعامَلي ۾ تمام گهڻو بيباڪ هئس، منهنجا والدِ محترم جيڪي هڪ نيڪ ۽ صالح مسلمان هئا، مون کي بار بار ٽوڪيندا هئا، هڪ ڏينهن والد صاحب جي نصيحت تي مون کي ڪاوڙ اچي ويئي ۽ مون اُنهن تي هٿ کنيو! منهنجي هٿان مار کائڻ کان پوءِ حرمِ ڪعبه ۾ آيا ۽ منهنجي لاءِ بد دُعا ڪيائون، اُنهن جي بد دُعا جي اثر کان يڪدم منهنجي هڪ پاسي تي فالج جو حملو ٿيو ۽ آئون زمين تي گسڪي هلڻ لڳس. انهي غيبي سزا کان مون کي وڏي عبرت حاصل ٿي ۽ مون روئي روئي والد صاحب کان معافي گهري، انهن شفقتِ پدري کان مجبور ٿي مون تي رحم کاڌو ۽ معاف ڪري ڇڏيو، پوءِ فرمايو: ”پُٽ هل! مون جتي تنهنجي لاءِ بد دُعا ڪئي هئي اُتي ئي تنهنجي لاءِ صحت لاءِ دُعا گهرندس.“ اهڙي طرح اسان پيءُ پٽ ڏاچي تي سوار ٿي مڪي شريف زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعۡظِيۡمًا اچي رهيا هئاسين ته رستي ۾ اوچتو ڏاچي ٿهي ڪري ڀڄڻ لڳي ۽ منهنجو پيءُ



www.dawateislami.net

اُنهيءَ جي پُٽ تان ڪِري ٻن ٽڪرين جي وچ ۾ لاڏاٽو ڪري ويو. هاڻي آئون اڪيلو ئي ڪعبي جي حرم ۾ حاضر ٿي ڏينهن رات روئي روئي خدا تعاليٰ کان پنهنجي تندرستي جي لاءِ دعائون گهرندو رهان ٿو. اميرُ المؤمنين حَضرتِ سَيِّدُنا عليُ المُرتَضٰي شيرِخدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم کي ان جو داستانِ عبرت نشان ٻُڌي مٿس ڏاڍو رحم آيو ۽ فرمايائون: ”اي شخص! جيڪڏهن واقعي اوهان جا والد صاحب اوهان کان راضي ٿي ويا هئا ته اطمينان رکو اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ سڀ بهتر ٿي ويندو، پوءِ پاڻ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم جن ڪجهه رَڪعت نماز پڙهي اُن جي صحت جي دُعا ڪيائون، پوءِ فرمايائون: ”قُمْ! يعني اُٿي بيهه!“ اِهو ٻُڌندي ئي هو بنا ڪنهن ٽيڪ جي اُٿي بيهي رهيو ۽ هلڻ ڦِرڻ لڳو.

(مُلَخَّص ازحجةُ اللهِ علَي العالمين ص٦١٤،ڪراماتِ شير خدا،ص:٧)

ڪيوں نہ مشکل کشا کہوں تم کو
تم نے بگڑی مِری بنائی ہے

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حڪايت ۾ اسان جي لاءِ عبرت جا بي شمار مدني گُل موجود آهن ته ان شخص کي والدين جي نافرماني ۽ گناهن تي جمي وڃڻ جي ڪهڙي سزا ملي، ان جي هڪ پاسي تي فالج جو حملو ٿي ويو ۽ اهو زمين تي ريڙهجي هلڻ لڳو ڳڏوڳڏ هي به معلوم ٿيو ته والدين جي نافرماني نہ ڪرڻ گهرجي بلڪ اهي شريعت جي دائري ۾ رهندي جيڪو بہ حڪم ڏين فورًا پُورو ڪرڻ گهرجي ۽ انهن جي بد دُعا کان بہ بچندو رهڻ گهرجي ۽ هر ان ڪم کان اجتناب ڪرڻ گهرجي جنهن ۾ والدين جي ناراضگي هجي. مزيد ان حڪايت

مان حَضرتِ عليُ المُرتَضٰي شيرِخدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي ڪرامت بہ معلوم ٿي تہ جڏهن توهان ان شخص جي لاءِ بارگاهِ الٰهي ۾ دُعا ڪئي تہ توهان جي دُعاءِ مُستَطاب (مُس.تَ.طاب) بارگاهِ الٰهي ۾ فورًا مُستَجَاب (مقبول) ٿي ۽ اُهو فالج وارو شخص جيڪو زمين تي گهلجي گهلجي ڪري هلي رهيو هو، دعاءِ علي جي برڪت سان انهي وقت صحتياب ٿي ڪري هلڻ ڦرڻ لڳو.

بے سبب بخشش ہو میری یہ دُعا فرمایئے
مُصطَفٰے کا واسِطہ مولٰی علی مشکل کشا

(وسائلِ بخشش: ۵۲۴)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت اميرالمؤمنين، مَوۡلَي المُسۡلِمين، سيّدُنا عليُ المرتضٰي شيرِ خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي فضائل ۽ ڪمالات جي ڇا ئي ڳالهہ آهي، سندن جو تہ شان ئي نرالو آهي، پاڻ صاحبِ سيادت، مُحبِ آخرت، محبُوبِ رَبُّ العزّت، بابِ مدينة العِلم ۽ شَهسوارِ ميدانِ خطابَت هئا، پاڻ قرآن ۽ سُنت مان ثابت ٿيڻ وارن مسائل کي ڪڍڻ جي ڀرپور صلاحيت رکندا هئا، اطاعت گذارن جي لاءِ ڏيئو ۽ پرهيزگارن جا دوست هئا، عدل ڪرڻ وارن جا امام ۽ سڀ کان وڌيڪ حِلم ۽ علم وارا هئا، شيخ طريقت، اميرِ اهلسُنَّت، باني دعوتِ اسلامي حضرتِ علاّمه مولانا ابُو بِلال محمد الياس عطارقادِري رَضَوي ضيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه پنهنجي رسالي ڪراماتِ شيرِخُدا ۾ پاڻ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جو تعارف ڪجهہ هن طرح بيان فرمائن ٿا تہ



www.dawateislami.net

## نالوءِ نسب ۽ حليو مبارڪ

اميرُ المؤمنين حَضرتِ سَيِّدُنا عليُ المُرتَضٰي شيرِخدا كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم مڪّة المڪرَّمه زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا ۾ پيدا ٿيا. پاڻ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي امڙ سڳوري حضرت سيِّدَتُنا فاطِمه بنتِ اَسَد رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا پنهنجي والد جي نالي تي سندن نالو "حيدر" رکيو، والد سندن نالو "علي" رکيو. حُضورِ پُرنُور، شافع يومُ النُّشُور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم کي "اَسَدُ اللّٰه" (اللّٰه جو شينهن) جي لقب سان نوازيو، انهي کان علاوه "مُرتضيٰ" (يعني چُونڊيل)، "ڪَرَّار" (يعني مُڙي مُڙي حملا ڪرڻ وارو)، "شيرِخُدا" ۽ "موليٰ مُشڪل ڪُشا" پاڻ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جا مشهور لقب آهن. پاڻ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم مڪّي مَدَني آقا، مني مني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي چاچي جا پُٽ آهن. (مرأة المناجيح ج ٨ ص٤١٢ وغيره ملخصا،ڪراماتِ شيرِخدا،ص:١١) چوٿون خليفو، جانشينِ رسول، زوجِ بَتُول، حضرتِ سيِّدُنا علي بن ابي طالب كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي ڪُنيَت "ابوالحسن" ۽ "ابوتراب" آهي.

اس نے لقبِ خاک شہنشاہ سے پایا
جو حیدرِ کرّار کہ مولیٰ ہے ہمارا

(حدائقِ بخشش :ص 32)

پاڻ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم شهَنشاهِ ابرار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي چاچي ابوطالب جا فرزندِ اَرجمَند آهن. عامُ الفيل کان 30 سال پوءِ (جڏهن حضور نبي اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي عمر شريف 30 سال هئي) 13 رَجَبُ المُرَجَّب جُمعي جي ڏينهن پيدا ٿيا. موليٰ مُشڪل ڪُشا



www.dawateislami.net

حَضرتِ سَيِّدُنا عليُ المُرتَضٰي شيرِخدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جن جي امڙ سڳوري جو نالو حضرتِ سيِّدَتُنا فاطِمه بِنتِ اَسَد رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا آهي. پاڻ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم 10 سالن جي عمر ۾ ئي اسلام قبول ڪري ورتو، ۽ شهنشاهِ نُبوَّت، تاجدارِ رِسالَت، شافِعِ اُمَّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تربيت هيٺ رهيا ۽ حياتي جي آخري پساهه تائين پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مدد، فتح ۽ دينِ اسلام جي حمايت لاءِ ڪوشش ڪندا رهيا. پاڻ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم اولين مهاجرين ۽ عشرهءِ مُبَشَّره ۾ هجڻ ۽ بين خاص درجات سان مشرف هجڻ جي ڪري تمام گهڻي ممتاز حيثيت رکن ٿا. غَزوهٔ بَدر، غَزوهٔ اُحُد، غَزوهٔ خَندق وغيره تمام اسلامي جنگين ۾ وڏي بهادري سان شرڪت ڪئي ۽ ڪافرن جا وڏا وڏا مشهور بهادر پاڻ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي تلوار ذُوالفقار جي زبردست وار سان جهنم ڏانهن روانا ٿيا. (ڪراماتِ شيرخدا ص:۱۲)

دُشمن کا زَور بڑھ چلا ہے یاعلی مدد!
اب ذُوالفقارِ حَیدری پھر بے نِیام ہو

(وسائلِ بخشش: ص۳۱۰)

اميرُ المؤمنين حَضرتِ سَيِّدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن جي شهادت کان پوءِ مهاجرن ۽ انصارن سندن هٿ تي بيعت ڪري پاڻ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم کي **اميرُ المؤمنين** چونڊيو ۽ 4 سال 8 مهينا ۽ 9 ڏينهن تائين خلافت جي مسند تي رونق افروز رهيا. 17 يا 19 رمضان المبارڪ تي هڪ خبيث خارجي جي قاتلانہ حملي جي سبب سخت زخمي ٿي پيا ۽ 21 رمضان شريف آچر جي رات شهادت جو جام نوش فرمايائون.



www.dawateislami.net

(تاريخ الخُلَفاء ص۱۳۲، اسد الغابة ج۴ ص۱۲۸، ۱۳۲، ازالة الخفاء ج۴ ص۴۰۵، معرفة الصحابة ج۱ ص۱۰۰ وغيره، ڪراماتِ شيرخدا،ص:۱۱)

اَصْل نسلِ صَفا وجہِ وصلِ خدا
بابِ فضلِ ولایت پہ لاکھوں سلام

(حدائقِ بخشش: ۳۱۳)

سندن جو قد مبارڪ نہ ڊگهو ۽ نہ وڌيڪ ننڍو هو بلڪ درمياني قد وارا هئا، اکيون وڏيون وڏيون ۽ چهرو مبارڪ انتهائي خوبصورت هو جيئن چوڏهين جو چنڊ. حضرت علي كَرَّمَ اللّٰه تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي ٻنهي ڪلهن جي درميان فاصلو هو. هٿن جون ڄِريون ۽ ڪلهن جون هڏيون مضبوط هيون ۽ ڪنڌ مبارڪ چاندي جي گهُگهي نمان هو، مٿي مبارڪ تي وار پيشاني تي نہ بلڪ پنيان جي طرف هئا ۽ ڏاڙهي مبارڪ گهاٽي هئي جنهن جو هر وار بغير خضاب جي ڪارو هوءِ ٻانهون ۽ هٿ سخت مضبوط هئا. (الرياض النضرة،ج۳،ص۱۰۷۔۱۰۸)

مرتضٰی شیرِ خُدا! مرحب کشا خَیبر کشا!
سَرورا! لشکر کشا امداد کُن! مشکل کشا!

(حدائقِ بخشش: ۳۲۳)

## شيرِ خدا جو ننڍپڻ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان مولٰي علي مُشڪِل ڪُشا، شيرِ خدا كَرَّمَ اللّٰه تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جو ننڍپڻ ڏسون تہ اهو بہ بي نظير ۽ بي مثال هو، پاڻ كَرَّمَ اللّٰه تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم ننڍپڻ کان ئي نبيِ ڪريم صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صحبت ۾ رهي ڪري تربيت حاصل فرمائيندا هئا. رحمتِ دو عالم صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن توهان رَضِىَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهُ جي ڪفالت فرمائي، ننڍپڻ ۾ ئي



www.dawateislami.net

اسلام قبول ڪيو، ننڍي عمر ۾ نيڪي جي دعوت ۾ اڳتي وڌي حصو ورتو ۽ ان راھ ۾ اچڻ وارين رڪاوٽون سندن تربيت جو حصو بڻيون. شيرِ خدا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي مبارڪ ٻچپن جو ھڪ خوبصورت گوشو ملاحظ فرمايو. جيئن تہ

## شيرِ خدا جي پهرين غذا

پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي والده ماجده حضرت سيدتُنا فاطِمه بنتِ اسَد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو بيان آهي اميرُ المؤمنين حَضرتِ سَيّدُنا عليُ المُرتَضٰي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جڏهن پيدا ٿيا تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سندن نالو علي رکيو ۽ پنهنجو لعاب سندن وات ۾ وڌائون ۽ پنهنجي زبان انهن کي چوسڻ لاءِ ڏنائون تہ پاڻ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم زَبان مبارڪ چوسيندي ننڊ پئجي ويا، جڏهن ٻيو ڏينهن آيو تہ اسان سندن كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم کي کير پيارڻ جي لاءِ ھڪ دائي کي گهرايو، پر پاڻ کير نہ پيتو، جڏهن ان ڳالھ جي خبر رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏني وئي تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تشريف آڻي پنهنجي زبانِ اطهر پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وات ۾ وڌي، حَضرتِ سَيّدُنا علي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم زَبانِ اقدس کي چوسڻ لڳا، چوسيندي وري ننڊ سمهي پيا، پوءِ جيستائين اللّٰه عَزَّوَجَلَّ چاهيو اهڙي طرح معاملو هلندو رهيو. (السيرة الحلبية، ج١، ص٣٨٢)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ حَضرتِ سَيّدُنا عليُ المُرتَضٰي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جو ڇا شان آهي سرورِ ڪونين، رحمتِ دارين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي زَبانِ مبارڪ سندن وات وجهي ڪري برڪتن سان مستفيض فرمائي رهيا آهن. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ بہ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي ذاتِ



www.dawateislami.net

بابرڪت جي عظمت ۽ رفعت ٻڌائڻ جي لاءِ مختلف موقعن تي آياتِ مبارَڪہ نازل فرمايون. جيئن تہ

## مومنن جو مولٰي ڪير؟

الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو.

فَاِنَّ اللّٰهَ هُوَ مَوْلٰىهُ وَ جِبْرِيْلُ وَ صَالِحُ الْمُؤْمِنِيْنَ ۚ وَ الْمَلٰٓئِكَةُ بَعْدَ ذٰلِكَ ظَهِيْرٌ ﴿۴﴾ (پ۲۸،التحريم:۴)

**ترجمو ڪنزالايمان:** تہ بيشڪ الله ان جو مددگار آهي ۽ جبريل ۽ نيڪ ايمان وارا ۽ ان کان پوءِ ملائڪ مدد تي آهن.

حضرت علامه سيد محمود آلوسي بغدادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ان آيت جي تفسير ۾ فرمائن ٿا حضرت اسماء بنتِ عُميس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جن رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو تہ صَالِحُ الْمُؤمِنِين مان مراد حضرت علي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ آهن. ايئن ئي حضرتِ ابُو جَعفَر کان روايت آهي تہ جڏهن هي آيتِ ڪريمہ نازل ٿي تہ نبيِ ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت علي ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جو هٿ پڪڙي ڪري فرمايو: سڀ ٻڌو هي (يعني حضرت علي ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم) صَالِحُ الْمُؤمِنِين آهن. (روح المعاني، ج۲۸، ص۴۸۲)

مسلمانو! رَسُوْلُ الله کی اُلفت اگر چاہو
کرو اس کی غلامی جس کا ہر مومن بندہ ہوا

(ديوانِ سالڪ : ۳۰ از رسائلِ نعيميه)

## علي جي شانِ لاثاني

صَدرُالاَفاضل حضرت علامه مولانا سيد محمد نعيمُ الدين مُراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِی فرمائن ٿا: سيّدِ عالم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ جڏهن اغنياء (مالدارن) جن عرض و معروض جو سلسلو ڏگهو ڪيو ۽



www.dawateislami.net

ڳالهه ايستائين پهتي جو فقيرن کي پنهنجي عرض ڪرڻ جو موقعو گهٽ ملڻ لڳو تہ عرض ڪرڻ وارن کي عرض ڪرڻ کان پهرين صَدَقو ڏيڻ جو حڪم ڏنو ويو ۽ ان حڪم تي حضرت علي المرتضيٰ ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جن عمل ڪيو، هڪ (1) دينار صَدَقو ڪري ڪجهہ مسائل دريافت ڪيا، عرض ڪيو يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وفا ڇا آهي؟ فرمايو توحيد ۽ توحيد جي شهادت ڏيڻ. عرض ڪيو ، فَساد ڇا آهي؟ فرمايو ڪفر ۽ شرڪ. عرض ڪيو حق ڇا آهي؟ فرمايو اسلام و قرآن ۽ ولايت جڏهن توکي ملي. عرض ڪيو مون تي ڇا لازم آهي؟ فرمايو الله تعالٰي ۽ ان جي رسول جي اطاعت. عرض ڪيو الله تعالٰي کان ڪيئن دُعا گهران؟ فرمايو: صدق ۽ يقين سان. عرض ڪيو ڇا گهران؟ عاقبت (يعني آخرت). عرض ڪيو پنهنجي نجات جي لاءِ ڇا ڪريان؟ فرمايو حَلال کاءُ ۽ سچ ڳالهاءِ. عرض ڪيو سُرور ڇا آهي؟ فرمايو: جنت. عرض ڪيو راحت ڇا آهي؟ فرمايو الله عَزَّوَجَلَّ جو ديدار. جڏهن حضرت علي المرتضيٰ ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم ان سوالن کان فارغ ٿيا تہ هي حڪم منسوخ ٿي ويو ۽ رخصت نازل ٿي، سواءِ حضرت علي المرتضيٰ ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي ٻي ڪنهن کي ان (آيت) تي عمل ڪرڻ جو وقت نہ مليو. (تفسير خزائن العرفان)

اها آيتِ مبارڪ هي آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا نَاجَيْتُمُ الرَّسُوْلَ فَقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيْ نَجْوٰىكُمْ صَدَقَةً ؕ (پ۲۸،المجادلة:۱۲)

**ترجمو ڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ! جڏهن توهان رسول سان ڳالهہ آهستي عرض رکڻ چاهيو تہ پنهنجي عرض کان اڳ ۾ ڪجهہ صدقو ڏيئي ڇڏيو



www.dawateislami.net

## شانِ علي احاديثِ مبارڪ جي روشني ۾

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! قرآنِ پاڪ جي مختلف آياتِ مبارڪ مان اسان حضرت سَيِّدُنا علي المرتضيٰ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي شان ۽ عظمت سماعت ڪئي. ان کان علاوه ڪيترن ئي احاديثِ مبارڪ ۾ نبيِ اَڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پاڻ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جو جيڪو شان بيان فرمايو آهي اچو تہ! ان مان ڪجهہ فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا. جيئن تہ

1. سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت علي کي فرمايو: اَنْتَ مِنِّيْ بِمَنْزِلَةِ هَارُوْنَ مِنْ مُوْسٰى اِلَّا اَنَّهُ لَا نَبِيَّ بَعْدِيْ ، يعني تون منهنجي لاءِ ايئن آهين جيئن موسٰي (عَلَيْهِ السَّلَام) جي ويجهو هارون (عَلَيْهِ السَّلَام) جو مقام هو پر هي تہ مون کان بعد ڪو نبي ناهي. (مسلم، ص:١٣١٠،حديث: ٢٤٠٤)
2. عَلِيٌّ مِّنِّيْ بِمَنْزِلَةِ رَأْسِيْ مِنْ بَدَنِيْ ، يعني علي جو تعلق مون سان ايئن آهي جيئن منهنجي مٿي جو تعلق منهنجي جسم سان آهي. (ڪنزالعمال، ٦/٢٧٧، حديث: ٣٢٩١١ )
3. اَنَادَارُالْحِكْمَةِ وَعَلِيٌّ بَابُهَا يعني آئون حڪمت جوگهر آهيان ۽ علي ان جو دروازو آهي. (ترمذي، ۵، ص:٤٠٢،حديث:٣٧٤٤)

ایک ذرّہ اپنی اُلفت کا عنایت کر مجھے
اپنا دیوانہ بنا مولیٰ علی مشکل کُشا!

(وسائلِ بخشش:٥٢٤)



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ اسان جي پياري آقا ، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت سَيِّدُنا علي المرتضيٰ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم جو ڪهڙو شان بيان فرمايو آهي. ايترن انعامات ۽ اڪرامات کان علاوه بہ الله عَزَّوَجَلَّ جن پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي بي شمار خوبيون عطا فرمايون آهن، حضرت سَيِّدُنا عبدُالله بن مَسعود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا: بي شڪ قرآن مجيد ست (7) حروف (لغتن) تي لٿو آهي ۽ ان مان هر حرف جو ظاهر بہ آهي ۽ باطن بہ ۽ حضرت سَيِّدُنا علي المرتضيٰ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم اهڙا عالم آهن جن وٽ ظاهر ۽ باطن ٻنهي جو علم آهي.

(تاريخ مدينه دمشق لابن عساکر، ج۴۲،ص ۴۰۰)

اهڙي طرح اميرُ المُؤمِنِين، امامُ العادِلين حضرتِ سيدُنا عُمَرفاروقِ اَعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ ارشاد فرمائن ٿا: حضرت عليُّ المُرتَضيٰ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم کي ٽي (3) اهڙيون فضيلتون حاصل آهن جو جيڪڏهن انهن مان هڪ (1) بہ مون کي نصيب ٿي وڃي ها تہ منهنجي ويجهو ڳاڙهن اُٺن کان بہ محبوب هجي ها. صَحابہ ڪرام جن پڇيو: اُهي ٽي (3) فضيلتون ڪهڙيون آهن؟ فرماياٷن: (1) الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي نياڻي حضرتِ فاطمة الزَّهراء رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا جن کي سندن نڪاح ۾ ڏنو (2) انهن جي رهائش رسولِ ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ مسجِدُ النَّبوي الشَّريف ۾ هئي ۽ انهن جي لاءِ اهو ڪجھ حلال هو جيڪو انهن جو ئي حصو آهي. ۽ (3) غزوه خيبر جي جنگ ۾ سندن اسلام جو جهنڊو عطا فرمايو ويو. (مُستَدرَڪ ج۴ ص۹۴ حديث۴۶۸۹) سيدُنا فاروقِ اَعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جن فرمايو تہ اسان ۾ سڀ کان وڏا قاضي حضرتِ علي



www.dawateislami.net

(رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ) ۽ حضرت اُبي بن ڪعب (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ) اسان ۾ سڀ کان وڏا قاري هئا. (المسند للامام احمد بن حنبل ،ج۸ ،ص٦،ح۲۱۱۴۳،ڪراماتِ شيرِخدا،ص:۲۲)

بیاں کس منہ سے ہو اس مَجْمَعُ البحرین کا رتبہ

جو مرکز ہے شریعت کا طریقت کا ہے سر چشمہ

(دیوانِ سالک، ص۳۰، از رسائلِ نعیمیہ)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرتِ سيدُنا مولٰي مُشڪل ڪُشا، عليُ المُرتَضٰي، شيرِخدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي شان جي چا ڳالھ ڪجي جو اميرُالمُؤمِنِين، حضرتِ سيدُنا عُمَر فاروقِ اَعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ به سندن خصوصيات تي رشڪ فرمائن ٿا، هتي هڪ مسئلو بيان ڪرڻ ضروري آهي جو فضائل ۽ مراتب جي اعتبار سان مَسلڪِ حق اَهلسنَّت وجماعت جي ويجهو خُلفاءِ راشدين ۾ جيڪا ترتيب آهي جنهن کي بيان ڪندي صدرُ الشَّريعه، بدرُالطَّريقه حضرتِ علّامه مولانا مُفتي محمد امجد علي اَعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا: سڀ صحابهء ڪرام اعليٰ ۽ ادنيٰ (۽ انهن ۾ ادنيٰ ڪو ناهي) سڀ جنتي آهن، انبياء ۽ مُرسلين کان پوءِ، تمام مخلوقاتِ الٰهي اِنس و جنّ و مَلَڪ (يعني انسانن، جنّن ۽ فرشتن) کان افضل صدّيقِ اڪبر آهن، پوءِ فاروقِ اعظم، پوءِ عثمانِ غني، پوءِ مولٰي علي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھم ، افضل جي هي معنيٰ آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو وڌيڪ عزت ۽ منزلت وارو هجي.

(مُلَخَّص ازبهارِ شريعت ج۱ص۲۴۱ تا۲۵۴) ڪراماتِ شيرِ خدا،ص:۲۲)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقينًا تمام ئي خُلفاءِ راشدين پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا محبوب ۽ نورِ نظر آهن ۽ سيني جا فضائل پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم



www.dawateislami.net

جن بيان فرمايا آهن. جيئن تہ حضرتِ سَيدُنا عبدُاالله بِن مَسعود رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي تہ سرڪارِ مدينه، راحتِ قلب وسينه، فيضِ گنجينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عالي شان آهي: اَنَا مَدِيْنَةُ الْعِلْمِ وَاَبُوْبَكْرٍ اَسَاسُهَا وَعُمَرُ حِيْطَانُهَا وَعُثْمَانُ سَقْفُهَا وَعَلِيٌّ بَابُهَا يعني آئون علم جو شهر آهيان، ابوبڪر ان جو بنياد، عُمر ان جي ديوار، عثمان ان جي ڇت ۽ علي ان جو دروازو آهن. (مُسندُ الفردوس ج١ ص٤٢ حديث١٠٨، ڪراماتِ شيرِ خدا،ص:٢٤)

ترے چاروں ہمدم ہیں یک جان یک دل
ابو بکر فاروق عثماں علی ہے
(حدائقِ بخشش شريف،ص١٨٨)

## محبتِ علي جو تقاضو

اميرُ المؤمنين حَضرتِ سَيّدُنا عليُ المُرتَضٰي شيرِخدا كَرَّمَ اللّٰہ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم جن فرمايو: رسولِ ڪريم، رَءُوفٌ رَّحيم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان بعد سڀ کان بهتر ابوبڪر ۽ عمر آهن پوءِ فرمايو: ’’لَا يَجْتَمِعُ حُبِّىْ وَبُغْضُ اَبِىْ بَكْرٍ وَّعُمَرَ فِىْ قَلْبِ مُؤمِنٍ يعني منهنجي محبت ۽ (شَيخَينِ ڪَرِيمَين) جو بغض ڪنهن مؤمن جي دل ۾ جمع نہ ٿو ٿي سگهي.‘‘ (اَلْمُعْجَمُ الْاَ وْسَط لِلطَّبَراني ج٣ص٧٩ حديث٣٩٢٠، (ڪراماتِ شير خدا،ص:٢٥) سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ ڇڻ تہ مولا علي كَرَّمَ اللّٰہ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم خود فرمائي رهيا آهن تہ جيڪڏهن مون سان محبت ڪرڻ جي دعويٰ آهي تہ شيخَينِ ڪَرِيمَين سان بہ محبت ڪرڻي پوندي نہ تہ منهنجي محبت ڪو فائدو نہ ڏيندي.



www.dawateislami.net

شيخ طريقت، اميرِاَهلسنَّت، بانيِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علامه مولانا ابُوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن ڪيتري پياري ۽ دلنشين انداز ۾ بصورتِ شعر مولا علي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جو مرتبو بيان فرمائن ٿا ته

بعدِ خُلَفائے ثلاثہ سَب صَحابہ سے بڑا
آپ کو رُتبہ مِلا مولیٰ علی مشکل کشا

(وسائل بخشش، ص:۵۲۲)

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي تمام خُلفاءِ عظام ۽ صحابهء ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُم اَجْمَعِیْن سان محبت ڪرڻ ۽ ان جو ادب ۽ احترام ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمین بجاہِ النبی الامین صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دنيا کان بي رغبتي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حَضرتِ سَيِّدُنا عليُ المُرتَضٰي شيرِخدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم مال ۽ دولت کان پري رهندا ۽ دنيا کان سخت نفرت ڪندا هئا. هڪ ڀيري سندن جي خدمت ۾ ابن ِنبَّاج حاضِر حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيو يا اميرُ المؤمنين هن وقت بيتُ المال سون ۽ چاندي سان ڀريل آهي، توهان اَللهُ اَكْبَر چيو ۽ اُٿي بيتُ المال تشريف وٺي ويا ۽ فرمايائون! اي ابنِ نباج! مون وٽ ڪوفي وارن کي آڻيو، ماڻهن ۾ اعلان ڪيو ويو، پوءِ پاڻ بيتُ المال جو سمورو مال ماڻهن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو ۽ حالت هي هئي جو مال تقسيم ڪرڻ وقت هي فرمائيندا رهيا، اي سون



www.dawateislami.net

اي چاندي مون وٺان هليو ويو، افسوس هاءِ افسوس. ايستائيمن جو كو درهم ۽ دينار نہ بچو، پوءِ بيتُ المال ۾ پاڻي جو ڇڙكائو جو حكم ڏنو ۽ ان جڳهہ تي بہ ركعتون نماز ادا فرمائي.

(فضائل الصحابه لامام احمد بن حنبل ج١ ص٥٣١ ح٨٨٤ بتصرف، اللّٰہ والوں کی باتیں ، ص:١٦٨)

دل سے دنیا کی محبّت دُور کر کے یا علی!

دیدو عشقِ مصطفٰے مولٰی علی مشکل کشا!

(وسائلِ بخشش: ٥٢٣)

## بغير گهُري عطا فرمائڻ وارا

پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: جڏهن مون كان كنهن كجهه گُهريو تہ مون ان كي عطا كيو ۽ جڏهن نہ گهُريو تہ بہ مون بغير گهُري ڏنو.

(الكامل في الضعفاء الرجال لابن عدي الرقم٥٧٧، ج٤، ص٣٣٣، اللّٰہ والوں کی باتیں ، ص:١٤٩)

بھیک لینے کے لئے دربار میں منگتا ترا

لے کے کشکول آگیا مولٰی علی مشکل کشا

(وسائل بخشش،ص:٥٢٤)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ! هي آهي حضرتِ سيّدُنا مَولٰي علي مُشكل كُشا كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي دُنيا كان بي رغبتي ۽ خيرات ۽ سخاوت جو عالم جو پاڻ وٽ كجهه بہ ركڻ پسند نہ نہ فرمائيندا هئا بلك سڀ كجهه اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ قربان كري ڇڏيندا هئا. اسان كي بہ مَولٰي علي مُشكل كُشا كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي پيروي ۾ وڌ كان وڌ صَدَقو ۽ خيرات كرڻ گهرجي. صَدَقي ۽ خيرات جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ انهيءَ متعلق تي (3) فَرامينِ مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پڙهون.



www.dawateislami.net

1. صبح سويري صدقو ڏيو جو بَلا صدقي کان اڳيان قدم نہ ٿي وڌائي.
(شُعَبُ الإيمان، باب في الزكاة، التحريض علي صدقة التطوع، الحديث:٣٣٥٣،ج٣،ص٢١٤)

2. بي شڪ مسلمان جو صدقو عمر وڌائيندو ۽ بُري موت کي روڪيندو آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان صَدَقي ڏيڻ واري کي تڪبّر ۽ تفاخر پري ڪري ڇڏيندو آهي. (المعجم الكبير للطبراني، الحديث:٣١،ج١٧،ص٢٢)

3. رب تعالٰي فرمائي ٿو: اي ابنِ آدم! پنهنجو خزانو (صدقو ڪري) منهنجي سپرد ڪري ڇڏ، نہ سڙندو نہ ٻڏندو ۽ نہ چوري ٿيندو، تنهنجي شديد حاجت جي وقت (بروز قيامت) توکي موٽائي ڏيندس.(الترغيب والترهيب، كتاب الصدقات، الترغيب في الصدقة والحث عليها...إلخ،الحديث:٣٠، ج٢،ص١٠)

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي بہ بزرگن جي نقشِ قدم تي هلندي اخلاص سان وڌ کان وڌ صدقو ۽ خيرات ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمين بجاهِ النبی الامين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ہے صدقہ مَیل پھر اس پاک و ستھرے کو روا کیوں ہو
کہ دنیا کھا رہی ہے جس کی آلِ پاک کا صدقہ
(ديوانِ سالڪ، ص٣١، از رسائلِ نعيميه)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شيرِ خدا جون خداداد خوبيون

هڪ دفعي حَضرتِ سيدنا اَمِيرِ مُعاوِيه بن سُفيان رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا جن حضرت سيدنا ضَرار رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي فرمايو: ”منهنجي سامهون حَضرتِ سَيّدُنا علي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جن جون خوبيون بيان ڪريو.“ تہ حضرت



www.dawateislami.net

سيدنا ضَرار رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ عرض ڪيو: اميرُالمؤمنين حَضرتِ سَيِّدُنا عليُ المُرتَضٰي كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جن جي علم و عرفان جو اندازو لڳائي نٿو سگهجي، پاڻ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي معاملي ۾ ۽ ان جي دين جي حمايت ۾ مضبوط ارادا رکندا هئا. فيصلہ ڪُن گفتگو ڪندا هئا، ۽ انتهائي عدل و انصاف ڪان ڪم وٺندا هئا. پاڻ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جن جي ذات علم ۽ حڪمت جو سرچشمو هئي، جڏهن گفتگو ڪندا هئا تہ زبان مبارڪ مان حڪمت ۽ دانائي جا الفاظ نڪرندا هئا، دنيا ۽ ان جي رنگينين ڪان ڊڄندا هئا، رات جي اونداهي ۾ (اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي عبادت) سان خوش ٿيندا هئا، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو قسم! پاڻ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم تمام گهڻو روئڻ وارا، دور انديش ۽ غمزده هئا، پنهنجي نفس جو محاسبو ڪندا، کُهرو ۽ ٿلهو لباس پسند فرمائيندا ۽ ٿُلهي ماني ڪائيندا هئا. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو قسم! رعب ۽ دٻدٻو اهڙو هو جو اسان مان هر ڪو ساڻن ڳالهائيندي ڊڄندو هو، حالانڪ جڏهن بہ اسان حاضر ٿيندا هئاسين تہ ملڻ ۾ پاڻ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم اڳيرائي ڪندا هئا، جڏهن اسان سوال ڪندا هئاسين تہ جواب ارشاد فرمائيندا هئا، ۽ اسان جي دعوت قبول فرمائيندا هئا، جڏهن مُرڪندا هئا تہ ڏند مبارڪ ائين معلوم ٿيندا هئا جيئن موتين جي لڙي، پاڻ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم پرهيزگارن جو احترام ڪندا ۽ مسڪينن سان محبت فرمائيندا هئا، ڪنهن طاقتور يا مالدار کي ان جي باطل (يعني بيڪار) خواهش ۾ اميد نہ ڏياريندا هئا، ڪوبہ ڪمزور شخص پاڻ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي عدالت مان مايوس نہ ٿيندو هو بلڪ ان کي اُميد هوندي هئي تہ هتان مون کي ضرور انصاف ملندو. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو قسم! مون ڏٺو جڏهن رات ايندي هئي تہ پاڻ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم پنهنجي



www.dawateislami.net

ڏاڙهي مبارڪ جهلي زارو قطار روئيندا ۽ زخمي شخص وانگر تڙپندا هئا. مون پاڻ ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم کي اهو فرمائيندي ٻڌو: اي دنيا! ڇا تو مون کان منهن ڦيري ورتو آهي يا اجا منهنجي مشتاق (يعني منهنجو شوق رکندڙ) آهين؟ اي ڌوڪيباز دنيا! وڃ، ڪنهن ٻي کي دوکو ڏي، آئون توکي ٽي طلاقون ڏيئي چڪو آهيان هاڻي انهي ۾ هرگز رجوع ناهي، تنهنجي عمر تمام گهٽ ۽ تنهنجون آسائشون ۽ نعمتون نهايت حقير آهن، ۽ تنهنجا نقصان تمام گهڻا آهن، هاءِ! (آخرت جو) سفر انتهائي ڊگهو آهي، ثمر تمام گهٽ ۽ رستو نهايت ئي خطرناڪ ۽ وَر وَڪڙ وارو آهي. اهو ٻڌي ڪري حَضرتِ سيدنا اَمِيرِ مُعاوِيه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي اکين مان لُڙڪ وهڻ لڳا ايستائين جو ڏاڙهي مبارڪ لڙڪن سان آلي ٿي ويئي ۽ اُتي موجود ماڻهو بہ زارو قطار روئڻ لڳا، پوءِ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ ابو الحسن حَضرتِ سَيِّدُنا عليُ الْمُرتَضٰي شيرِ خدا ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم تي رحم فرمائي، الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم اُهي اهڙا ئي هئا.

(ڪراماتِ شيرِ خدا ، ص٣٩) (عيون الحڪايات، ص: ٢٥)

اشک بار آنکھیں عَطا ہوں دل کی سختی دُور ہو
دیجئے خَوفِ خُدا مولیٰ علی مشکل کشا!
پیکرِ جُود و سخا تُو میں فقیر و بے نوا
تُو ہے داتا میں گدا مولیٰ علی مشکل کشا!

(وسائل بخشش،ص:٥٢٤)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## شيرِ خدا جو عشق مصطفٰي

اميرُ المؤمنين حَضرتِ سَيِّدُنا عليُ المُرتَضٰي شيرِ خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي دل عشقِ رسول جي عظيم دولت سان سرشار هئي. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي ويجهو سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذاتِ مبارڪ ڪائنات جي هر شيءِ کان عزيز تر هئي. جيئن تہ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان ڪنهن سوال ڪيو تہ اوهان کي رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪيتري محبت آهي؟ فرمايائون: خدا جو قسم! حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي پنهنجي مال، اولاد، والدين ۽ سخت اُڃ جي وقت ٿڌي پاڻي کان بہ وڌيڪ محبوب (پيارا) آهن. (الشفاء بتعريف حقوق المصطفٰي، القسم الثاني، الباب الاول، فصل في ماروي عن السلف والائمة، الجزء الثاني، ص٢٢، ڪرامات شيرِخدا، ص٣٩)

پیکرِ خوفِ خُدا اے عاشقِ خیر الوریٰ
تم سے راضی کبریا مولیٰ علی مشکل کُشا!

(وسائلِ بخشش :٥٢١)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ حَضرتِ علي شيرِ خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم کان جڏهن پڇيو ويو تہ پاڻ رَسُوْلُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪيتري محبت ڪندا آهن، تہ پاڻ قيامت تائين اچڻ وارن مسلمانن کي هي ٻڌائي ڇڏيو تہ اسان جي ويجهو حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذات اسان جي مال، اولاد ۽ ماءُ پيءُ کان وڌيڪ محبوب ترين آهن.يقينًا مؤمنِ ڪامل ۽ هڪ عاشقِ رسول جي اها سڃاڻپ هوندي آهي تہ ان کي پنهنجي ويجهي رشتيدارن، گهروارن، ٻارن ٻچن ۽ پنهنجي جان کان وڌيڪ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت هوندي آهي ڇو جو پنهنجي جان سڀ کي



www.dawateislami.net

محبوب هوندي آهي پر جيڪي سچا عاشقِ رسول هوندا آهن اهي محبوب جي نالي تي جان ڏيڻ کان به گريز نه ڪندا آهن ۽ پنهنجي ذات تي پنهنجي حبيب کي مقدّم ڄاڻيندا آهن اڄ اسين به عشقِ رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دعويٰ ڪندا آهيون پر ياد رکو! عشقِ رسول جي علامت اطاعتِ رسول به آهي. صحابهء ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۾ محبت جي هي علامت ڪامل طور تي موجود هئي، اهي حضرات هر هر معاملي ۾ حُضُور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيروي کي لازم ڄاڻيندا هئا. ايستائين جو سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جنهن ڪم کي ڪيو ۽ ان کي ڪرڻ جو حڪم نه ڏنو، هي نُفوسِ قدسيه عشق ۽ محبت ۾ ان ڪم کي سعادت سمجهندي بجا آڻيندا هئا. جڏهن ته هڪ طرف اسين آهيون جو پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري سُنتن کي ڇڏي ڪري مغربي تهذيب جا شوقين آهيون حالانڪ سُنت ۾ حڪمت ۽ اسان جي لاءِ باعثِ رحمت آهي. هن پرفتن دور ۾ طرح طرح جون سنتون سکڻ ۽ عمل جو جذبو حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول ڪنهن نعمت کان گهٽ ناهي. توهان به ان مدني ماحول سان وابسته ٿي ڪري عاشقانِ رسول سان گڏ مَدَني قافلن ۾ سفر جي برڪت سان خوب خوب سنتون سکي ڪري عمل جو جذبو حاصل ڪري سگهو ٿا.

لوٹنے رَحمتیں قافلے میں چلو
سیکھنے سُنّتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو
ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## فرامينِ شيرِ خدا:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حَضرتِ سَيِّدُنا عليُ المُرتَضٰي شيرِ خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جن علم ۽ حڪمت سان ڀرپور اهڙا اهڙا نصيحت آموز مدني گُل ارشاد فرمايا آهن جو جيڪڏهن اسان ان تي عمل ڪريون ته دنيا ۽ آخرت ۾ فلاح ۽ ڪامراني اسان جو مقدر بڻجي سگهجي ٿي.

حَضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباّس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان مروي آهي ته اميرُ المؤمنين حَضرتِ سَيِّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ارشاد فرمائن ٿا: " حَضرتِ عليُ المُرتَضٰي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جن اهڙا ڪلمات ارشاد فرمايا آهن جو جيڪڏهن ماڻهو ان تي عمل ڪن ته ڪاميابي ۽ ڪامراني ماڻين ۽ غلط حرڪتن کان بچي وڃن." ماڻهن عرض ڪيو: اي اميرُ المؤمنين! اهي ڪهڙا ڪلمات آهن؟" پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن فرمايو: "اهي نصيحت آموز ڪلمات هي آهن. جيئن ته پاڻ فرمائن ٿا:

1. تون پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي پسند جو خيال رک، ان سان ڀلائي ڪر پوءِ توکي ان جي طرف کان تنهنجي پسنديده شيءِ ئي ملندي.
2. ڪڏهن به مسلمان ڀاءُ جي ڪلام ۾ بدگُماني نه ڪر (هميشه چڱي ڳالهه تلاش ڪر) توکي ضرور ان ڪلام ۾ چڱي شيءِ ملي ويندي.
3. جڏهن تنهنجي سامهون ٻه ڪم هجن ته ان ڪم ۾ هرگز نه پئو جنهن ۾ نفس جي پيروي ڪرڻي پوي، ڇو جو نفس جي پيروي ۾ سراسر نقصان آهي.



www.dawateislami.net

4. جڏهن تون الله عَزَّوَجَلَّ کان پنهنجي ڪا حاجت برآري (پوري) ڪرڻ چاهين ته دعا کان پهرين ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪثرت سان دُرود پاڪ پڙهہ بي شڪ الله عَزَّوَجَلَّ ان شخص تي وڏي مهرباني ۽ ڪرم فرمائيندو آهي جيڪو ان کان حاجت طلب ڪري . پوءِ جيڪڏهن ڪو شخص الله عَزَّوَجَلَّ کان ڪا شيءِ گهرندو آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان کي اها شيءِ عطا فرمائيندو آهي جيڪا ان جي حق ۾ بهتر هوندي آهي ۽ جيڪا نقصان واري هجي ان کي پنهنجي ٻانهي کان روڪي ڇڏيندو آهي.
5. جيڪو شخص هي چاهي ته هر وقت الله عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر ۾ مشغول رهي ته ان کي گهرجي ته صبر کي پنهنجو شعار بڻائي ڇڏي ۽ هر مصيبت تي صبر ڪري.
6. ۽ جيڪو شخص دنيوي زندگي (۾ طوالت) جو خواهش مند هجي ان کي گهرجي ته مصيبتن جي لاءِ تيار ٿي وڃي.
7. جيڪو شخص هي چاهي ته ان جو وقار ۽ عزت برقرار رهي ته ان کي گهرجي ته رياڪاري کان بچي.
8. جنهن سان تنهنجو تعلق نہ هجي خوامخواه ان جي باري ۾ سوال نہ ڪر.
9. بيماري کان پهرين صحت کي غنيمت ڄاڻ ۽ فرصت جي لمحن مان ڀرپور فائدو وٺ، نہ تہ غم ۽ پريشاني کي منهن ڏيڻو پونديءِ.
10. استقامت اڌ ڪاميابي آهي، جيئن غم اڌ پوڙهائپ.
11. جيڪا شيءِ تنهنجي دل ۾ ڪٽڪي ان کي ڇڏي ڏي ڇو جو ان کي ڇڏي ڏيڻ ۾ ئي تنهنجي سلامتي آهي. (عيون الحكايات، ص:١٧٣)



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل فرامين اهڙا جامع ۽ حڪمت آموز آهن جو جيڪڏهن ڪو شخص ان تي عمل ڪري ته اهو دَارَين (دنيا ۽ آخرت) جي سعادتن سان مالامال ٿي وڃي، ان کي دين ۽ دنيا جي ڪنهن معاملي ۾ شرمندگي کي منهن نه ڏيڻو پوي، انهن ڪلمات ۾ حَضرتِ سَيِّدُنا عليُ المُرتَضٰي شيرِ خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جن اسان کي زندگي گذارڻ جو بهترين طريقو ٻڌائي ڇڏيو ته جيڪڏهن ان طرح زندگي گذاريندؤ ته تمام جلد ترقي ۽ ڪاميابي جي دولت ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا نصيب ٿيندي. جيڪڏهن توهان اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جي احوال سان گڏوگڏ انهن جا نصيحت آموز اقوال ۽ علم و حڪمت سان ڀرپور مدني گُل حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا ته دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي مطبوعه 324 صفحن تي مشتمل ڪتاب بنام ”152 رحمت بھری حکایات“ جو مطالعو فرمايو. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن ڪتاب ۾ 92 بُزُرگن جا مختصر حالات، مغفرت جا واقعات ۽ بي شمار فرامين موجود آهن توهان کي به مدني التجا آهي ته خود به ان ڪتاب جو مطالعو فرمايو ۽ ٻين کي به ان جي ترغيب ڏياريو، هي ڪتاب دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان ڊاؤن لوڊ (Download) به ڪري سگهجي ٿو، پڙهي (Read) به ڪري سگهجي ٿو ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) به ڪري سگهجي ٿو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ، الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن جو فيضان توهان تي به

جاري ٿي ويندو. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي بُزُرگانِ دين جي نقشِ قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اچو ته! اوهان جي ترغيب و تحريص جي لاءِ چوڪ درس جي هڪ مدني بهار اوهان جي گوش گذار ڪيان ٿو.

## ناچ رنگ ۽ شراب جو عادي

هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي مدني ماحول سان وابسته ٿيڻ کان پهرين آئون نه صرف گناهن جي ڌٻڻ ۾ نهايت بُري طرح ڦاٿل هئس بلڪ منهنجا عقائد به دُرست نه هئا. نمازن کان ايتري قدر غافل هئس جو عيد جي نماز پڙهڻ به نصيب نه ٿيندي هئي. رَمَضَانُ المبارڪ ۾ سڀ مسلمان روزا رکندا پر بدقسمتي سان آئون ان سعادت کان محروم هئس. ڏينهن جو هڪ دڪان تي مُلازمت ڪندو هئس پر سڄي رات چرس ۽ شراب جي نشي ۾ ڌُت رهندو هئس. ٽي وي تي فلمون ڊراما ڏسندو ۽ بدنگاهي سان پنهنجي نامهءِ اعمال ۾ گناهن جو اضافو ڪندو رهندو هئس. شادين ۾ ناچ گاني جو شوقين هئس. ظلمتِ عصيان (گناهن جي اونداهي) کان نڪرڻ جو سبب هي ٿيو ته اسان جي دڪان جي سامهون ڪجھ اسلامي ڀائر فيضانِ سُنت مان چوڪ درس ڏيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن آئون به رسمي طور تي شرڪت ڪري ويندو هئس. اهي بار بار مون کي سُنتن ڀرئي اجتماع جي دعوت ۾ شرڪت جي دعوت ڏيندا پر آئون هر دفعي ڪو بهانو ناهي ويندو هئس. هڪ ڏينهن انهن جي منٿ ميڙ تي مون اجتماع ۾ شرڪت جي هامي ڀري ورتي ۽ اجتماع ۾ حاضر ٿي ويس. جڏهن اتي پهتس ته اجتماع ۾ ٿيڻ واري



www.dawateislami.net

بيان، ذڪر، نعت ۽ رقت انگيز دعا مون کي متاثر ڪري ڇڏيو. ان کان بعد منهنجي زندگي يڪدم بدلجي وئي. چرس، شراب نوشي ۽ ناچ گانن کان توبهه ڪري ورتي، اَلْحَمْدُلِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ مدني ماحول جي برڪت سان پنج نمازون مسجد ۾ ادا ڪرڻ وارو بڻجي ويس. مون جهڙي گناهن ۾ غرق شخص مدني قافلن ۾ سفر جي برڪت سان دين جا اهم مسائل بہ سکي ورتا ۽ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري سُنت (ڏاڙهي) بہ سجائي ورتي. مدني ماحول جي برڪت سان منهنجي بُرن عقيدن جي اصلاح ٿي وئي. اَلْحَمْدُلِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ چوڪ درس ۽ مدني قافلن جي برڪت سان مون جهڙو ناچ رنگ جي شوقين، چَرس ۽ شراب جو عادي سنتن جو پيڪر بڻجي ويو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! بيان جي آخر ۾ سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. تاجدار رسالت شهنشاهہ نبوت مصطفٰي جان رحمت شمع بزم هدايت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي: ”جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو“. (مشڪاة المصابيح، ج 1، ص 55، حديث 175 ادارا الڪتب العلميہ بيروت)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## ”عمامو شريف“جي نَوا ڪرڻ جي نسبت سان عمامي جا 9 مدني گل

اچو تہ ! عمامي جي متعلق مدني گل ٻڌون ٿا.

**ٻہ فرامين مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **(1)**عمامي سان گڏ ٻہ رڪعتون نماز (پڙهڻ) بغير عمامي جي ستر 70 رڪعتن کان افضل آهي. (الفردوس بماثور الخطاب ج 2 ص 265 حديث 3233) (2)عمامي سان گڏ نماز ڏهہ هزار نيڪين جي برابر آهي. (ايضاً ج 2 ص 406 حديث 3805 فتاويٰ رضويہ ج 6 ص 213) (3)عمامو قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي ٻڌو. (ڪشف الالتباس في استحباب اللباس للشيخ عبدالحق الدهلوي ص 38) (4)عمامي ۾ سنت هي آهي تہ اڍائي گز کان گهٽ نہ هجي، نہ ڇهہ گز کان وڌيڪ، ۽ ان جي بندش گنبذ نما هجي. (فتاويٰ رضويہ ج22 ص 186) (5) رومال جيڪڏهن ايترو وڏو هجي جيڪو مٿي کي چڱي طرح ڍڪي تہ اهو عمامو ئي آهي ۽ (6) ننڍو رومال جنهن سان صرف هڪ ٻہ وَر اچي سگهن ٻَڌڻ مڪروهہ آهي. (فتاويٰ رضويہ ج 7 ص 299) (7)عمامي کي جڏهن نئي سري سان ٻڌڻو هجي تہ جيئن ٻڌل آهي ائين کوليو ۽ هڪ مهل زمين تي نہ اُڇلايو . (فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 330) (8)جيڪڏهن ضرورتاً لاٿو، ۽ ٻيهر ٻَڌڻ جي نيّت هجي تہ هڪ هڪ پيچ کولڻ تي هڪ هڪ گناهہ مٽايو ويندو . (ملخص از فتاويٰ رضويہ ج 6 ص 214) (9)مٿي اگهاڙي رهندڙ جي وارن تي سردي گرمي ۽ اُس وغيره سڌو سنئون اثر ڪندي آهي ان سان نہ صرف وار بلڪ دماغ ۽ چهرو بہ متاثر ٿيندو آهي ۽ صحت کي نقصان پهچي سگهي ٿو، تنهن ڪري سنت جي

پيروي جي نيت سان عمامو شريف ٻڌڻ ۾ ٻنهي جهانن ۾ عافيّت آهي.

طرح طرح جون سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبةُ المدينہ جا مطبوعہ 2 ڪتاب بهارِ شريعت حصو 16 (312 صفحا) نيز 120 صحفن جو ڪتاب ”سنّتون ۽ آداب“ هديةً حاصل ڪريو ۽ پڙهو. سنّتن جي تربيّت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنّتن پريو سَفَر بہ آهي.

لُوٹنے رَحمتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو
سِیکھنے سُنّتیں قافلے میں چلو
خَتم ہوں شامتیں قافلِے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين ھو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن،(1)

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ وينل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناھ معاف ڪيا ويندا.(2)

---

[1] …افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] …افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

## ﴿3﴾رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو ھي دُرُود شريف پڑھندو آھي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آھن.[1]

## ﴿4﴾ڇھ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیۡ عِلۡمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلۡكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڑھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڑھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرۡضٰى لَهٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُمۡ کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھو مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن

---

[1] ...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149



www.dawateislami.net

فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[1]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[3]

---

[1]...القول البديع، الباب الاول، ص125

[2]... الترغيب والترهيب، ج ۲، ص ۳۲۹، حديث ۳۱

[3]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net

## ﴿2﴾ هر رات عبادت ۾ گذارڻ جو آسان نسخو

غرائب القرآن صفحه 187 تي هڪ روايت نقل ڪئي وئي آهي ته جيڪو شخص رات ۾ ٽي ڀيرا هي دعا پڙهندو ته ان جڻ شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو لهٰذا هر رات هي دعا پڙهڻ گهرجي. دعا هي آهي:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم۔

”يعني خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي.“

(فيضانِ سنّت ج اوّل، ص 1163، 1164)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net